# حَجّةُ الوِداع جا

## ايمان اَفروز واقعا

**29-June-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

29 جون، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# حَجّةُ الوداع جا ايمان اَفروز واقعا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيترا حج ادا فرمايا؟

✿... حَجّةُ الوِداع ۾ انبياءِ ڪرام جي شرڪت

✿... ڇا مڙده زنده ڪرڻ ممڪن آهي؟

✿... والدينِ ڪريمين کي صحابي بڻائي ڇڏيو

✿... قصيده غوثيہ جون برڪتون

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

امير المومنين حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: پاڻي جيترو جلدي باھ وسائي ڇڏيندو آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف پڙهڻ ان کان به وڌيڪ تيزي سان گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي سلام موڪلڻ غلام آزاد ڪرڻ کان افضل آهي.[1]

گرچہ ہیں بے حد قصور، تم ہو عفوّ وغفور
بخش دو جُرم وخطا! تم پہ کروروں درود[(2)]

**وضاحت**: يارسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جيتوڻيڪ مون تمام گهڻا گناھ ڪيا آهن پر اوهان معاف ڪرڻ وارا آهيو، منهنجا جرم بخشي ڇڏيو! اوهان تي ڪروڙين درود هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾

[1] ... تاريخِ بغداد،جلد:7 ،صفحه:172۔

[2] ... حدائقِ بخشش، صفحه:266۔

داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حاجين جي لاءِ مغفرت جي بشارت

حَجَّة الوداع (يعني پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ظاهري زندگي مبارڪ ۾ جيڪو سيني کان آخري حج ادا فرمايو، اُن حج) جو موقعو هيو، باعثِ رحمت، مالڪ جنت صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ميدانِ عرفات تشريف فرما هيا، صحابي رسول حضرت عباس بن مِرداس رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ رات جي وقت دعا گهري (هي دعا ڪنهن جي لاءِ هئي ۽ ڇا هئي؟ فرمائن ٿا:) لِاُمَّتِهٖ بِالْمَغْفِرَةِ وَالرَّحْمَةِ يعني هن دعاءِ مصطفٰي جو عنوان سندن پياري اُمت هئي ۽ پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ کان اُمت جي بخشش ۽ رحمت جو سوال ڪري رهيا هئا.[2]

هڪ روايت ۾ آهي: فَاَكْثَرَ الدُّعَاءَ[3] يعني رسول رحمت، شفيعِ اُمت صرف هڪ ٻيرو دعا نہ ڪئي بلڪ با بار ڪثرت سان هڪ ئي دعا ڪندا رهيا: مولٰي

---

[1] مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

[2] ... ابنِ ماجہ،كتاب المناسك،باب الدعاء بعرفة،صفحہ:489،حديث:3013 ۔

[3] ... شُعَبُ الايمان،باب فى حشر ...الخ،فصل فى القصاص من المظالم،جلد:1 ،صفحہ:304، حديث:346

منهنجي اُمَّت کي بخشي ڇڏ، اي ربّ ڪريم! منهنجي اُمَّت تي رحمتون نازل فرماءِ.

حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جڏهن هرهر دعا ڪئي تہ اللّٰه پاڪ وحي موڪلي ڇڏي فرمايو: اي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اسان اوهان جي دعا قبول ڪئي ۽ اوهان جي امت کي بخشي ڇڏيو پر رهيو ظالم تہ ان کان مظلوم جو بدلو ضرور ورتو ويندو.

اُن تي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اي ربّ ڪريم! جيڪڏهن تون چاهين تہ مظلوم کي جنت عطا ڪري ڇڏين ۽ ظالم کي بخشي ڇڏين(ايئن مظلوم کي بدلو بہ ملي ويندو، ظالم تي فضل و احسان بہ ٿي ويندو).

حضرت عباس بن مِرداس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هي جيڪا بي دُعا عرض ڪئي، اُن رات اللّٰه پاڪ جي طرفان ان جو ڪو جواب نہ آيو، پوءِ پيارا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مزدلفہ تشريف وٺي ويا.

صبح جو وقت هيو، اوچتو پياري نبي، محمد عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي چهري تي مسڪراهٽ اچي وئي، مسلمانن جي پهرين ۽ ٻئي خليفي حضرت ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مسڪرائيندي ڏٺو تہ عرض ڪيو: بِاَبِیْ اَنْتَ وَ اُمِّی اِنَّ هٰذِهٖ لَسَاعَةٌ مَاکُنْتَ تَضْحَكُ فِیْهَا يعني (يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ) اسان جا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين، هي اها گهڙي آهي جنهن ۾ اوهان عام طور مسڪرائيندا ناهيو فَمَا الَّذِیْ اَضْحَكَكَ، اَضْحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ اللّٰه پاڪ اوهان کي هميشہ مسڪرائيندڙ رکي، اڄ ڇا ٿيو جو اوهان معمول جي خلاف (***Out of Routine***) مسڪرايو آهي.؟

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: (مون پنهنجي اُمت جي بخشش جي دعا ڪئي هئي، الله پاڪ منهنجي دعا قبول فرمائي ۽ سڀني امت کي بخشي ڇڏيو) جڏهن شيطان کي خبر پئي ته ربّ ڪريم منهنجي سڀني اُمت کي بخشي ڇڏيو آهي ته ان پنهنجي مٿي ۾ مٽي وڌي ۽ هاءِ هلاڪت! هاءِ هلاڪت! چوندي ڀڄي ويو، مان شيطان جي هي بدحواسي ڏسي ڪري مسڪرائي رهيو آهيان.[1]

اِجابت کا سہرا، عنایت کا جوڑا
دلہن بن کے نکلی دُعائے مُحَمَّد
اِجابَت نے جھک کر گلے سے لگایا
بڑھی ناز سے جب دُعائے مُحَمَّد[2]

وضاحت: دعاءِ مصطفيٰ جي هي شان آهي جو جڏهن به زبانِ مصطفيٰ مان نڪرندي آهي، قبوليت جو سهرو مٿي تي هوندو آهي، الله پاڪ جي عنايتن سان سجيل، ڪنوار بڻجي نڪرندي آهي ۽ جڏهن بارگاهِ اِلٰهي جي طرف وڌندي آهي ته قبوليت پاڻ جهڪي ڪري دعاءِ مصطفيٰ کي ڳلي لڳائيندي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حديث شريف جي مختصر وضاحت

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الامت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ظاهر هي آهي ته هتي اُمّت مان مراد قيامت تائين اچڻ وارا حاجي آهن، هن صورت ۾ دعاءِ مصطفيٰ جي معنيٰ هي ٿيندي: اي الله پاڪ! قيامت تائين منهنجو جيڪو به اُمّتي حج تي اچي، اهو بلڪل بخشيو وڃي، ان جو ڪوبه گناهه باقي نه رهي. الله پاڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي هي

[1] ... ابنِ ماجہ،کتاب المناسک،باب الدعاء بعرفة،صفحہ:489،حديث:3013

[2] ... حدائق بخشش،صفحہ:66 بتقدم وتاخرِ۔

دعا قبول فرمائي ۽ حاجين جي لاءِ بخشش جي خوشخبري ٻڌائي.

خيال رهي! حاجي جا سيئي گناهه بخشيا وڃڻ مقبول حج جي جزا آهي ۽ مقبول حج ٿيندو ئي اهو آهي جيڪو نمازون وغيره ادا ڪري ڪيو وڃي، لهٰذا هن حديث جو مطلب هي ناهي ته سڄي عمر نمازون نه پڙهو، شرابي زاني رهو، پوءِ حج ڪري اچو ته سيئي گناهه معاف ٿي ويا بلڪ پهريان انهن جرمن کان سچي توبه ڪيو پوءِ آئينده انهن جي ويجهو نه وڃو! ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! حج جي برڪت سان پوئين ڪوتاهين جي معافي ملي ويندي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حديث پاڪ مان ملڻ وارا 2 مدني گل

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز حديث پاڪ تي غور فرمايو! اسان جا آقا و موليٰ مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ميدانِ عرفات ۾ آهن، هي دعائون قبول ٿيڻ جو مقام آهي، ميدانِ عرفات ۾ گُهري ويندڙ دعا کي حديث پاڪ ۾ افضل دعا فرمايو ويو آهي.[2] هن بابرڪت مقام تي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دعا فرمائي، هي دعا ڪنهن جي لاءِ هئي؟ هن دعا جو عنوان ڇا هيو؟ سُبْحٰنَ الله! منهنجا ۽ اوهان جا آقا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمتين جي لاءِ دعا فرمائي رهيا هئا.

ٿورو غور ڪيو! هي ڪهڙي عظيم شفقت آهي، اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اسان گنهگارن تي هي ڪهڙي عنايت آهي....!! سندن دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا، تڏهن به امت جي فڪر، دنيا کان ظاهري پردو مٿائي ويا، تڏهن به امت جي

[1] ... مرآة المناجيح، جلد:4، صفحه:145 - 146 بتغير قليل
[2] ... موطا امام مالک،کتاب القرآن،باب ما جاء فی الدعا،صفحه:125 ،حديث:509

فڪر، ان ڪان علاوه بہ راتين جو مٿو سجدي ۾ رکي ڪري اسان گنهگارن جي بخشش جي لاءِ ڳوڙها وهائيندا رهيا، مطلب تہ: هي آقا ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي پنهنجي امت سان ڪمال محبت آهي جو جتي هوندا آهن، پنهنجي گنهگار اُمتن جي بخشش جي فڪر ۾ رهندا آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله عَلَيْه ڪيتري پياري ڳالهہ چئي آهي:

دُنیا، مَزار، حَشر، جہاں ہیں غَفُور ہیں | ہر منزل اپنے چاند کی منزل غَفَر کی ہے[1]

وضاحت: آسمان جي چنڊ جون مختلف منزلون آهن. انهن مان هڪ منزل جو نالو غَفَر آهي. جڏهن چنڊ منزلِ غَفَر ۾ هوندو آهي، ان وقت کي نهايت مبارڪ سمجهيو ويندو آهي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله عَلَيْه انهيءَ طرف اشارو ڪندي فرمائي رهيا آهن تہ چنڊ جيڪو آسمان تي نڪرندو آهي، هي تہ ڪڏهن ڪڏهن منزلِ غَفَر ۾ هوندو آهي پر ماهِ طيّبہ، سلطانِ انبياء صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳالهہ ئي جدا آهي، هي اهي مبارڪ چنڊ آهن جن جي هر منزل ئي منزل غَفَر آهي، دنيا ۾ هجن، تڏهن بہ غفور (يعني بخشرائيندڙ) آهن، مزار ۾ تشريف فرما هجن، تڏهن بہ غفور ۽ آخرت ۾ جڏهن ميدانِ محشر ۾ تشريف آڻيندا، تڏهن بہ بخشرائيندا ۽ الله پاڪ جي عطا سان شفاعت فرمائي ڪري پنهنجي غلامن کي جنت ۾ پُهچائيندا.

ڪاش! اسان پنهنجي آقا، رسولِ خدا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي انهن احسانن کي ياد رکڻ وارا بڻجي وڃون، اهي آقا تي ڪري بہ راتين جو ڳوڙها وهائيندا رهيا ۽ افسوس! اسان غلام تي ڪري بہ غفلت جي ننڊ سُتا پيا هوندا آهيون. افسوس!. نمازن جي پابندي ناهيون ڪندا. فرائض ۽ واجبن ۾ ڪوتاهيون ٿينديون آهن. آقاءِ دوجهان، مڪي مدني سلطان صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جون نافرمانيون

[1]... حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

اسان ڪندا آهيون ۽ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!! اسان جي لاءِ ڳوڙها ڳاڙيندا آهن.

صد شکر خدایا تو نے دیا، ہے رحمت والا وہ آقا
جو امت کے رنج و غم میں، راتوں کو اشک بہاتا رہے
بے کس ہُوں شہا! میں دکھیارا، لوگوں نے مجھے ہے دھتکارا
تو ہمدم ہے پھر کیا غم ہے، گو سارا جہاں ٹھکراتا رہے [1]

اللّٰه پاڪ اسان کي احساس جي دولت نصيب فرمائي، ڪاش! انهن احسانن کي ياد رکندي پياري نبي، رسول هاشمي جا سچا عاشق، حقيقي فرمانبردار بڻجي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪار ﷺ جو مبارڪ چهرو هميشه ذهن ۾ رهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جيڪا حديث شريف ٻڌي، ان ۾ هڪ بي بہ ايمان اَفروز ڳالهه آهي، جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي امت جي بخشش جي خوشخبري ملي تہ سنڌن مرڪيا. ان تي حضرت ابوبڪرصديق ۽ عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا عرض ڪيو: بِاَبِیْ اَنْتَ وَ اُمِّی اِنَّ هٰذِهٖ لَسَاعَةٌ مَاكُنْتَ تَضْحَكُ فِيْهَا يعني (يارسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ) اسان جا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين، هي اها گهڙي آهي جنهن ۾ اوهان عام طور مسڪرائيندا ناهيو فَمَا الَّذِیْ اَضْحَكَكَ، اَضْحَكَ اللهُ سِنَّكَ اللّٰه پاڪ اوهان کي مسڪرائيندڙ رکي، اڄ ڇا ٿيو آهي جو اوهان معمول جي

[1]... وسائل بخشش،صفحہ:474بتقدم وتاخرِ۔

خلاف (*Out of Routine*) مسڪرايو آهي.؟

اللّٰه! اللّٰه! عشق جو ڪمال ته ڏسو! غور فرمايو! حضرت صديق و فاروق رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُمَا مزاج مصطفيٰ کان ڪهڙي ته واقفيت رکندا هئا، انهن کي خبر هئي ته پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن مرڪندا آهن، ڪڏهن ناهن مرڪندا، جڏهن ته هي حضرات عالي وقار پنهنجي سڄي توجهه پنهنجي محبوب آقا، رسول خدا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ئي جي طرف لڳائي رکندا هئا.

اُن صحابہ کی خوش اَطوار نگاہوں کو سلام | جن کا مسلک تھا طوافِ رُخِ زیبا کرنا

وضاحت: صحابه ڪرام عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان جي مبارڪ نگاهن تي سلام هجي جو اهي اکيون سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار جو ديدار ڪنديون رهن ٿيون.

حضرت صديق ۽ فاروق رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھُمَا جو صدقو اللّٰه پاڪ اسان کي به عشق رسول ۾ اهڙو ڪمال نصيب فرمائي، ڪاش! اسان جي توجهه جو مرڪز به هميشه پيارا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ئي بڻيل رهن. ڪاش! سندن ادائن کي چاٽي ڪري انهن کي عملي طور تي اپنائڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

کچھ ایسا کر دے مِرے کِردگار آنکھوں میں
ہمیشہ نقش رہے رُوئے یار آنکھوں میں

اُنہیں نہ دیکھا تو کس کام کی ہیں یہ آنکھیں
کہ دیکھنے کی ہے ساری بہار آنکھوں میں

وہی مجھے نظر آئیں، جدھر نگاہ کروں
اُنہیں کا جلوہ رہے آشکار آنکھوں میں (1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1…ساماںِ بخشش، صفحه:145 - 146 -148 ملتقطًا.

## حاجين جي لاءِ بخشش جي بشارت

پيارا اسلامي ڀائرو! شروع ۾ اسان جيڪا حديث شريف ٻڌي، ان ۾ حج جي فضيلت جو بيان آهي ته اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حاجين جي بخشش جي دعا فرمائي ۽ سندن اها دعا قبول به ڪئي وئي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! حج جا ڏينهن جاري آهن، ڪيترا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي هن وقت مڪي شريف ۾ حاضر آهن، جن حج جي سعادت حاصل ڪئي، ڪاش آئنده سال اسان کي به سعادت نصيب ٿي وڃي، اسان به مڪي شريف وڃون، ڪعبي شريف جو طواف ڪيون، عرفات ۽ مُزدلفه جو قيام نصيب ٿي، منيٰ شريف ۾ قرباني ڪرڻ جي توفيق ملي، ڪاش! هر سال مديني جي حاضري نصيب ٿيندي رهي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یاربّ! ہمیں مکّے کی فَضاؤں میں بُلالے
اور خانۂ کعبہ کا کریں جم کے نظارا
ہو جائے مِری حاضِری عرفات و مِنٰی میں
اور مُزدَلِفَہ کا بھی کروں خوب نظارا[1]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نبين جي ياد ڏيارڻ وارا ڏينهن

پيارا اسلامي ڀائرو: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! هاڻي جيڪي ڏينهن گذري رهيا آهن، هي نهايت بابرڪت ڏينهن آهن، هنن ڏينهن جون باقي برڪتون پنهنجي جڳهه اهم آهن، هڪ نهايت اهم ڳالهه انهن ڏينهن جي اها آهي ته هي ڏينهن انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي ياد ڏيارڻ وارا ڏينهن آهن. هي ڏينهن اسان کي ﷻ الله پاڪ جي

[1]... وسائل بخشش،صفحہ:170۔

خليل ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ياد ڏياريندا آهن ۞ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي ياد ڏياريندا آهن ۞ انهن جي پياري امڙ سائڻ حضرت حاجره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا جي ياد ڏياريندا آهن ۞ انهن پاڪ هستين ڪهڙي طرح الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪئي ۞ الله پاڪ جي رضا خاطر ڪهڙيون قربانيون پيش ڪيون ۞ ڪهڙيون ڪهڙيون مشقتون ڪنيون پر الله پاڪ جي اطاعت، ان جي فرمانبرداري ۾ ذري برابر بہ ڪوتاهي نہ ڪئي، هي مبارڪ ڏينهن اسان کي انهن قربانين جي ياد ڏيارين ٿا.

ان سان گڏوگڏ انهن مبارڪ ڏينهن جي هڪ بي نهايت خوبصورت اِيمان افروز ۽ عشق پري يادگار آهي ۽ اها آهي حَجَّةُ الوداع(يعني اسان جي آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پنهنجي ظاهري زندگي ۾ آخري حج مبارڪ جنهن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُمّت کي اجتماعي طور تي آخري نصيحتون فرمايون ۽ الوداع فرمايو).

## آقا ڪريم ڪيترا حج ادا فرمايا؟

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هجرت کان پهريان جڏهن پيارا آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڪي شريف ۾ هئا، ان وقت هرسال حج فرمائيندا هئا.[1] هجرت کان بعد پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ئي حج ادا فرمايو.[2]

حج فرض هجڻ جو حڪم هجرت جي نائين سال نازل ٿيو، ان سال آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪجھ حڪمتن جي پيش نظر سندن حج نہ فرمايو بلڪ پنهنجي نائب جي طور تي حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡه کي حج جو امير بڻائي موڪليو.[3] هن ۾ اشارو هيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد پهريان خليف

[1] ... شرح الزرقانی ،المقصد التاسع،النوع السادس فی ذکر حجہ ...الخ،جلد:11 ،صفحہ:328۔
[2] ... بخاری،کتاب المغازی،باب حجۃ الوداع،صفحہ:1092،حدیث:4404۔
[3] ...شرح الزرقانی ،المقصد التاسع،النوع السادس فی ذکر حجہ ...الخ،جلد:11 ،صفحہ:327 بتغیر قلیل۔

حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ هوندا. هن کان اڳئين سال پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خود بہ حج ادا فرمايو.

## حجة الوداع جو مختصر بيان

هي هجرت جو ڏهون سال هيو، مديني شريف ۾ پري ۽ ويجهي جي قبيلن ۾ هي اعلان ڪرايو ويو تہ هن سال جيڪي خوش نصيب حج جي سعادت ماڻڻ جي لاءِ مڪي شريف ويندا، انهن حاجين جي قافلي جا سالار ٻنهي جهانن جا مالڪ و مختار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هوندا.

الله الله! مڪي شريف جو سفر، اهو بہ رسول رحمت، شفيع امت صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ....!! طوافِ ڪعبہ جون سعادتون، عشق ۽ محبت سان ڀرپور عبادت يعني حج جي ادائيگي اها بہ محبوب خدا، سرورِ انبياء صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رهنمائي ۾...!! واھ سبحٰن الله!هي ايمان اَفروز خبر ٻڌي ڪري صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي جسم ۾ خوشي جي لهر ڊوڙڻ لڳي، جنهن بہ ٻڌو، پنهنجي خوش بختي تي ناز ڪرڻ ۽ ان سعادتمندي واري سفر جي تياري ڪرڻ لڳو.

جيئن جيئن حج جا ڏينهن ويجهو اچي رهيا هئا، محبت ۽ شُوق جا جذبا وڌي رهيا هيا، پري پري کان قافلن جا قافلا مديني پاڪ جي طرف وڌڻ لڳا، ڏسندي ڏسندي مديني شريف جي رونق ۾ وڏيڪ اضافو ٿي ويو، گهٽين بازارن ۾ اچ وڃ ٿيڻ لڳي.

واھ ڇاتہ نرالو نصيب آهي! هاڻي عموماً حاجي پهريان مڪي ويندا آهن، طواف، وقوفِ عرفات ۽ مزدلفہ وغيره حج جي ادائيگي کان بعد مديني شريف حاضر ٿيندا آهن پر صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي قسمت تي قربان وڃجي! هي خوش قسمت حضرات ڪعبي شريف جي زيارت کان پهريان مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ديدار جا مزا ماڻڻ جي لاءِ مديني پاڪ حاضر ٿيا، اڄ حاجي سبز

سبز گنبذ کي ڏسي ڪري، سنهري ڄارين سان اکيون ٺڏيون ڪندا ۽ ايمان تازو ڪندا آهن، صحابہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان تاجدار مدينہ، قرار قلب وسينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ديدار سان اکيون ٺڏيون ڪري رهيا هئا.

الله اڪبر! هي صحابہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان هئا، وڏي نصيب وارا..!! ڪاش! انهن جي صدقي اسان جي بہ قسمت سنورجي وڃي! ڪاش مديني وڃڻ نصيب ٿي وڃي، اي ڪاش! ڪڏهن قسمت چمڪي، جاڳندي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ خواب ئي ۾ ڪڏهن ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نصيب ٿي وڃي.

يارَبِّ! پھر اَوج پر ہمارا نصیب ہو
سُوئے مدینہ پھر ہمیں جانا نصیب ہو

مکّہ بھی ہو نصیب، مدینہ نصیب ہو
دشتِ عرب نصیب ہو، صحرا نصیب ہو

اللہ! دِیدِ گنبدِ خضرا نصیب ہو
یارَبّ! رسولِ پاک کا جلوہ نصیب ہو(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! 10 هجري، ذوالقعدة الحرام جي 25 تاريخ، ڇنڇر جو ڏينهن هيو، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ظهر جي نماز مسجد نبوي شريف ۾ ادا ڪئي، سفر تي روانگي جي لاءِ تازو غسل فرمايو، سفر جي تياري ٿي ۽ ان شان سان حج جي ادائيگي جي لاءِ روانا ٿيا تہ حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: اڳيان، پويان، ساڄي، کاٻي، جنهن طرف بہ نگاهہ ڪڄندي هئي ماڻهو ئي ماڻهو نظر ايندا هيا.

مديني شريف کان ڪجهہ ئي فاصلي تي ذوالحُليفہ نالي هڪ مقام ايندو آهي، هي مديني وارن جو ميقات آهي(يعني حج يا عمري جو ارادو رکڻ وارا هتان کان احرام ٻڌندا آهن). هتي پهچي ڪري قافلي کي رُڪڻ جو حڪم ٿيو، ڇوتہ سفر شروع ٿي چڪو هيو، تنهنڪري نمازِ عصر قصر ڪري (يعني ٻہ رڪعت ادا ڪئي وئي، هي رات رسولِ رحمت، شفيع امت هتي ئي گذاري، اڳئين

(1)...وسائلِ بخشش ،صفحہ:89 ملتقطًا۔

ڏينهن ظهر کان پهريان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تازو غسل ڪري احرام ٻڌو، نمازِ ظهر هتي ئي ادا فرمائي ۽ پنهنجي مبارڪ ڏاچي قصواء تي سوار ٿيا. روايتن مطابق پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ احرام ٻڌڻ کان بعد ٻہ رڪعتون نماز ادا فرمائي. ان کان بعد تلبيہ (يعني لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك پڙهيو، پوءِ جڏهن ڏاچي تي سوار ٿيا تہ ٻيهر تلبيہ پڙهيو، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ويجهو ئي بَيّداء نالي جبل تي تشريف کڻي آيا ۽ بلند آواز سان پڙهيو:

لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك، لَبَّيْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْك، اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكُ لَاشَرِيْكَ لَك

سُبْحٰنَ اللّٰه الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سڀني کان محبوب ترين هستي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي زبان سان جڏهن تلبيہ پڙهيو هوندو تہ ان کي ٻڌي ڪري جبلن تي وجد طاري ٿي ويو هوندو، هوائون مهڪي ويون هونديون، فضائون خوشبودار ٿي ويون هونديون.

گزرے ہو جس جگہ سے، اب بھی مہک رہی ہے
تیرا جو کارواں ہے، خوشبو کا کارواں ہے

هزارين صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جڏهن رسولِ رحمت، شفيع امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تلبيہ جي آواز ٻڌي تہ انهن بہ بلند آواز سان تلبيہ پڙهيو ايئن سڄي وادي لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك جي صدائن سان گونجي اٿي.

هاڻي هي حاجين جو نرالو قافلو پنهنجي سالار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رهنمائي ۾ درمياني چال هلندي، ڪٿي رڪندي، نمازون پڙهندي مڪي شريف جي طرف روانو ٿي ويو، تمام گهڻا اهي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جيڪي مديني شريف حاضر نہ ٿي سگهيا هيا، اهي رستي ۾ شامل ٿيندا ويا، آخر 4 ذوالحج، سومر جي ڏينهن مڪي شريف جي ويجهو ذِي طُوىٰ نالي وادي

۾ پهتا، هي رات هتي ئي گذاري وئي، اڳئين ڏينهن نماز فجر هتي ئي ادا ڪئي وئي، پوءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڪي شريف جي احترام ۾ غسل فرمايو ۽ ثَنِيَّةُ الْعُلْيا يعني حَجُون نالي قبرستان جي طرف مڪي شريف ۾ داخل ٿيا.

الله! الله! جڏهن مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون نگاهون ڪعبي شريف جي طرف کڄون هونديون، ڇا پُرڪيف منظر هوندو، اهو ڪعبو جيڪو ٻنهي جهانن جي ولادت جي وقت سلامي جي لاءِ جهڪيو هيو، اهو ڪعبو جنهن کي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ باطل جي گندگي سان پاڪ ۽ صاف ڪيو هيو بلڪ حق ته هي آهي ته ڪعبو به جن جي صدقي ۾ ڪعبو بڻيو، اڄ جڏهن ڪعبي شريف کي انهيءَ رحمتِ دوجهان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو قرب نصيب ٿيو هوندو يقيناً ڪعبي کي به وجد اچي ويو هوندو، اڄ ڪعبو به پنهنجي قسمت تي ناز ڪري رهيو هوندو.

اس دِل کے فِدا جو تری دِید کا طالِب | ان آنکھوں کے قربان جنھیں تُو نظر آیا
سجدہ کو جُھکا جائے براہیم میں کعبہ | جب قبلۂ کونَین کا اَبرُو نظر آیا

خير! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪعبي شريف کي ڏسي ڪري هي دعا پڙهي: اَللّٰھُمَّ زِدْ ھٰذَا الْبَیْتَ تَشْرِیْفًا وَّ تَعْظِیْمًا وَّ مَھَابَۃً وَّ بِرًّا

(اي الله پاڪ! هن گهر جي شرف، تعظيم، رعب ۽ ڀلائي ۾ اضافو فرما)

پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پهريان عمرو ادا ڪيو، پوءِ حج جي ڏينهن ۾ حج ادا فرمايو.[1] روايتن مطابق جن خوش نصيب صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان هن سال حج

---

[1] ... شرح الزرقانی ،المقصد التاسع،النوع السادس فی ذکر حجہ ...الخ،جلد:11 ،صفحہ:327تا 378 خلاصۃً۔

جي سعادت ماڻي، انهن جي تعداد ڪم و پيش هڪ لک 24 هزار يا ان کان به وڌيڪ هئي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حَجّةُ الْوداع مان سکڻ واريون ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! حَجَّةُ الوداع سيرت مصطفيٰ جو نهايت اهم ترين پهلو آهي، هن مان اسان کي گهڻو ڪجهه سکڻ جي لاءِ ملي ٿو، تمام گهڻن عقيدن ۽ اعمال جي اصلاح ٿيندي آهي. اچو! هن تعلق سان ڪجهه ايمان افروز واقعا ۽ ان مان ملڻ وارا درس ٻڌون ٿا:

## حَجّةُ الوداع ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي شرڪت

مُسلم شريف: صحابي رسول حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهما فرمائن ٿا: حاجين جو هي نرالو قافلو سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رهنمائي ۾ وڃي رهيو هيو، رستي ۾ اَزْرَق نالي هڪ وادي آئي. سرڪار عالي وقار مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هي ڪهڙي وادي آهي؟ عرض ڪيو ويو: هي وَادِئِ اَزْرَق آهي! فرمايائون: مان ڏسي رهيو آهيان ته الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجون آڱريون ڪنن تي رکيون آهن ۽ تلبيه پڙهندي هن وادي مان گذري رهيا آهن. حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: پوءِ اسان اڃا اڳتي وڌياسين، هلندي هلندي هڪ وادي آئي، سرڪار مدينه، راحت قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هي ڪهڙي جڳهه آهي؟ عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هيءَ هَرْشٰی نالي وادي آهي. فرمايائون: مان ڏسي رهيو آهيان ته الله پاڪ جا نبي حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام سُرخ ڏاچي تي سُوار آهن، ڪين

[1] ... شرح الزرقانی ،کتاب المغازی،حجۃ الوداع ،جلد:4 ،صفحہ:146۔

اوني جبو پاتل آهي، ڏاچي جي مهار ڪجيءَ جي تند سان ٺهيل آهي ۽ پاڻ تلبيہ (يعني لَبَّيْك اَللّٰهُمَّ لَبَّيْك) پڙهندي گذري رهيا آهن.[1] سُبْحٰنَ الله! چا تہ شان آهي انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام جي.....!! مشهور مفسر قرآن حڪيم الامت مفتي احمديار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: چوتہ هي حج حضور سيّد الانبياء صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو آخري حج مبارڪ هيو، ان ڪري انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن ۾ شريڪ ٿيا ۽ حضور انور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو.[2]

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن مان معلوم ٿيو! انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام پنهنجي مزارن ۾ زنده آهن جتي چاهيندا آهن سير ڪندا يعني ايندا ويندا آهن ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ الله پاڪ انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام کي غيب جو علم عطا فرمايو آهي، هي پنهنجي پنهنجي مزارن ۾، ٻي دنيا يعني عالمِ برزخ ۾ تشريف فرما رهندا آهن ۽ انهن کي اُتي ئي خبر پئجي ويندي آهي تہ هن وقت دنيا ۾ ڪٿي، ڇا ٿي رهيو آهي. ڏسو! معراج جا گهوٽ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن معراج جي لاءِ تشريف وٺي ويا، انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام سندن اقتداء ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ پهريان ئي مسجد اقصيٰ ۾ پهچي ويا ۽ هاڻي جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ حج جي لاءِ تشريف وٺي وڃي رهيا هئا، انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام کي سندن حج جي خبر پئجي وئي، انهن کي هيءُ بہ معلوم ٿي ويو تہ هي سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري زندگي مبارڪ جو آخري حج آهي، تنهنڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ تشريف ڪٽي آيا.

---

[1] ... مسلم،ڪتاب الايمان،باب الاشراء برسول الله ...الخ،صفحه:82 ،حديث:166۔

[2] ... مرآةُ المناجيح،جلد:7 ،صفحه:589 بتغير قليل۔

سُبْحٰنَ الله! سيندي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيتري پياري ڳالھ ارشاد فرمائي آهي:

| | |
|---|---|
| انبیا کو بھی اَجَل آنی ہے | مگر ایسی کہ فقط آنی ہے |
| پھر اسی آن کے بعد اُن کی حیات | مثلِ سابِق وہی جسمانی ہے[1] |

وضاحت: آن جي معنيٰ آهي: گھڙي لمحو پر. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام جي بارگاھ ۾ بہ موت حاضر ٿيندي آهي پر اهڙي طرح جو انھن جي لاءِ موت فقط اچٽي(يعني گھڙي ڪن جي لاءِ) هوندي آهي، پوءِ انھن کي ٻيهر پهريان جهڙي، دنياوي، جسماني زندگي عطا ڪئي ويندي آهي.

## انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام زنده آهن

ابن ماجہ شريف جي حديث آهي، صحابہ ڪرام عَلَيهِم الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اوهان جي ظاهري وصال کان بعد درود شريف اوهان تائين ڪيئن پهچندو؟ فرمايائون: اِنَّ اللهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاْكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ الله پاڪ انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام جو جسم کائڻ زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي.[2] هڪ تمام مشهور حديث پاڪ آهي، ان کي بيشمار محدثن روايت ڪيو آهي تہ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلْاَنْبِيَاءُ اَحْيَاءٌ فِيْ قُبُوْرِهِمْ يُصَلُّوْنَ يعني انبياءِ ڪرام عَلَيهِم السَّلَام پنهنجي مزارن ۾ زنده آهن، نماز پڙهندا آهن.[3]

| | |
|---|---|
| تُو زندہ ہے واللہ! تُو زندہ ہے واللہ! | مرے چشمِ عالم سے چھپ جانے والے[4] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:372۔

[2] ... ابنِ ماجہ، ڪتاب الجنائز،باب ذکر وفاتہ ...الخ،صفحہ:263، حديث:1636۔

[3] ... مسندِ بزّار،جلد:13، صفحہ:299، حديث:6888

[4] ...حدائق بخشش،صفحہ:158۔

## والدين ڪريمين کي زنده ڪري ڪلمو پڙهايو

پيارا اسلامي ڀائرو! حَجَّةُ الوِدَاع جي موقعي تي هڪ نهايت ئي ايمان اَفروز واقعو پيش آيو، ڪيئي محدثن، عالمن ۽ اولياءِ ڪرامن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم هن واقعي کي ذڪر بہ ڪيو آهي ۽ درست بہ مڃيو آهي. اهو واقعو ڇا آهي؟ اچو ٻڌون ٿا: مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: حَجَّةُ الوِدَاع جي موقعي تي رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ مقام تان گذريا، مان بہ گڏ هيس، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان وقت شديد غم جي ڪيفيت ۾ هئا ۽ ڳوڙها ڳاڙي رهيا هيا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي روئندي ڏسي ڪري مان بہ روئڻ لڳس، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سواري تان لهي ڪري هڪ طرف تشريف کڻي ويا ۽ مون کي فرمايو: حميرا! هتي ئي رڪو. مان اُٿ سان ٽيڪ لڳائي ويهي رهيس، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪافي دير کان بعد خوش خوش مسڪرائيندي تشريف کڻي آيا. مون عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان..!! ويندي وقت اوهان ڏاڍا غمگين هيا، واپسي ۾ خوش ٿيندي آيا، ان جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون: مان پنهنجي والده (حضرت آمنہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا) جي مزار تي ويو هيس، مون دعا ڪئي تہ اللّٰه پاڪ منهنجي والده کي زنده فرمايو، اها مون تي ايمان کڻي آئي پوءِ مزار ۾ تشريف کڻي وئي.[1]

حضرت عُروه رَضِىَ اللهُ عَنْه پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ اُمُّ المؤمنين بيبي عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا ٻڌايو: بيشڪ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دعا سان اللّٰه پاڪ حضرت عبداللّٰه ۽ آمنہ رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا کي زنده ڪيو، انهن ٻنهي

[1] ... الروض الانف، وفاة آمنہ وحال رسول الله...الخ،جلد: 1، صفحہ: 330۔

ايمان قبول ڪيو پوءِ پنهنجي پنهنجي مزارن ۾ وجي آرامي ٿيا.[1]

صدقہ تم پہ ہوں دِل و جاں آمنہ
تم نے بخشا ہم کو ایماں آمنہ
جو مِلا جس کو مِلا تم سے مِلا
دِین و ایماں، عِلم و عرفاں آمنہ
کُل جہاں کی مائیں ہوں تم پر فدا
تم محمّد کی بنی ماں آمنہ

ڪنهن عاشق رسول والدِ مصطفيٰ حضرت عبدالله رَضِیَ اللہ عَنْہ جي شان ۾ به نهايت خوبصورت ڪلام لکيو آهي:

خُدائے پاک کے حامِد ہیں پیارے عبد اللہ
بڑے ہی عابِد و زاہِد ہیں پیارے عبد اللہ
خدا نے بھیج کے نورِ نبی کو آپ کے گھر
بتا دیا ہمیں راشد ہیں پیارے عبد اللہ
شک ان کے ایماں پہ کرنے سے پہلے یاد رکھو
مرے رسول کے والِد ہیں پیارے عبد اللہ

## ڇا مڙده زنده ڪرڻ ممڪن آهي..؟

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا ته شان آهي والدين مصطفيٰ جي...!! يقيناً حضرت عبدالله ۽ حضرت آمنه رَضِیَ اللہ عَنْہُما دنيا جي خوش قسمت ترين والدين آهن جو انهن کي محبوب خدا، امام الانبياء صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جا والدين هجڻ جو شرف مليو. ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي دل ۾ اهو خيال اچي ته جيڪي دنيا مان هليا ويا، اهي ٻيهر زنده ٿي ڪلمو ڪيئن ٿا پڙهي سگهن؟ ياد رکو! مرڻ کان بعد ٻيهر انهيءَ دنيا ۾ زنده ٿي وڃڻ ناممڪن ناهي. هي بلڪل ٿي سگهي ٿو بلڪ ٿيو به آهي، قرآن ڪريم ۾ ڪيئي اهڙا واقعا موجود آهن.

❁ قرآن ڪريم جي ٻي ۽ سڀ کان وڏي سُورت سورهءِ بقره آهي، جنهن واقعي جي ڪري ان کي سورت بقره چئجي ٿو، اهو وقعو پهرين سپاري ۾ موجود

[1] ... الروض الانف، وفاة آمنہ وحال رسول الله...الخ،جلد: 1، صفحہ: 330۔

آهي، هن واقعي ۾ بہ انهيءَ ڳالھ جو بيان آهي، بني اسرائيل جي هڪ شخص جو قتل ٿي ويو هيو، ان جو قاتل نہ پئي مليو، حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلام وٽ مقدمو آيو، سو بني اسرائيل کي هڪ ڳئون ذبح ڪرڻ جو حڪم ٿيو، جڏهن انهن هڪ خاص قسم جي ڳئون ذبح ڪئي تہ ان ڳئون جي گوشت جو هڪ ٽڪڙو هن مردي کي لڳايو ويو، ان جي برڪت سان اهو مڙدو زنده ٿي ويو ۽ ان پنهنجي قاتل جو نالو بہ ٻڌايو. ❁ اهڙي طرح ٻئي سيپاري ۾ بني اسرائيل جي هزارين ماڻهو مرڻ کان بعد زنده ٿيڻ جو واقعو آهي. ❁ بلڪ الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جو مشهور معجزو آهي تہ پاڻ مڙدن کي زنده فرمائيندا هئا. جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جي هي شان آهي جو الله پاڪ جي عطا سان مڙدن کي زنده ڪري سگهن ٿا تہ محبوب خدا، امام امام الانبياء صَلَّى الله عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي ڇا شان هوندي...؟ سندن دعا سان سندن والدين زنده ٿي وڃڻ ۾ ڪهڙي خلافِ عقل ڳالھ آهي. مطلب تہ بيشڪ الله پاڪ جي عطا سان محبوب رحمٰن، مڪي مدني سلطان صَلَّى الله عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي والدين ڪريمن کي زنده فرمايو ۽ انهن کي ڪلمو پڙهايو.

## والدينِ ڪريمين کي صحابي بڻائي ڇڏيو!

ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي دل ۾ هي خيال اچي رهيو هجي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي والدين کي زنده ڪري ڪلمو پڙهايو تہ ان جو مطلب هي ٿيو تہ اهي حضرات پهريان مسلمان نہ هيا؟

معاذالله! ايئن ناهي. رسول رحمت، شفيع اُمت صَلَّى الله عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي والدين کي زنده ڪيو، پوءِ انهن کي ڪلمو پڙهايو پر ان جو مقصد انهن کي مسلمان ڪرڻ نہ هيو، اهي تہ الحمدلله! پهريان ئي کان مسلمان هيا، پنهنجي زندگي مبارڪ ئي ۾ الله کي هڪ مڃڻ وارا، ملّتِ ابراهيمي جي پيروي ڪرڻ وارا هيا، سيدي اعليٰ حضرت رَحمَةُ الله عَلَيه ۽ ٻيا ڪيئي علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: اصل ۾

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي والدين ڪريمين کي زنده ڪري ڪلمو انهيءَ ڪري پڙهايو ته جيئن اهي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جاصحابي بڻجي وڃن.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وار مبارڪ تقسيم فرمايا

مسلم شريف ۾ آهي، حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: حجةُ الوِداع جو موقعو هو، نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منٰي ۾ تشريف ڪٺي آيا، جَمَرَةُ الْعَقَبہ کي پٿريون هنيون پوءِ قرباني ڪري پنهنجي مڪان مبارڪ ۾ تشريف ڪٺي آيا، پوءِ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حَجم کي گهرايو ۽ پنهنجي مٿي مبارڪ جي ساڄي پاسي کان وار مبارڪ لهرايا ۽ حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي عطا فرمائي ڇڏيا ۽ پوءِ دل واري پاسي کان وارَ مبارڪ لهرايا ۽ اهي بہ حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي عطا ڪري فرمايائون: **هنن تمام وارن کي ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيو.**[2]

آخرِج غمِ اُمّت میں پریشاں ہو کر تیرہ بختوں کی شفاعت کو سدھارے گیسو(3)

**وضاحت:** حجَّةُ الوِداع جي موقعي تي سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وار لهرايا ۽ وارَ مبارڪ ورهايائون، ان تي اعلٰي حضرت فرمائي رهيا آهن: اصل ۾ ان وقت وارَ مبارڪ امت جي غم ۾ پريشان ٿيا ۽ گناهگار امّتين جي شفاعت جي لاءِ جسمِ اقدس کان جدا ٿي ڪري امّتين وٽ پهتا (تہ جيئن قيامت تائين انهن جي زيارت جو شرف امّت کي ملندو رهي ۽ شفاعت جو سامان ٿيندو رهي).

---

[1] ... فتاوی رضويہ،جلد: 30، صفحہ:285-286ماخوذًا۔
[2] ... مسلم ،كتاب الحج،باب بيان ان السنة يوم النحر...الخ،صفحہ:485 ،حديث :1305بتغير قليل
[3] ... حدائق بخشش،صفحہ:119۔

## موءِ مبارڪ (وارَ مبارڪ) ڇو ورهايا...؟

علاّمہ زُرقاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجا وارَ مبارڪ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم ۾ ان ڪري ورهايا تہ جيئن هُو انهن وٽ برڪت ۽ يادگار طور رهن ۽ انهيءَ مان ڄڻ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ قربِ وصال جي طرف اشارو بہ فرمائي ڇڏيو.[1]

## تبرڪ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! سرور عالم، نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ وار مبارڪ ورهايا، ان مان مان معلوم ٿيو تہ اسان جا آقا ۽ مولا، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ هن ڳالھ کي پسند فرمائيندا هئا تہ امّت پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جون مبارڪ يادگيريون سنڀالي رکي، انهن کان برڪت حاصل ڪري، ان ڪري صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم ۾ بطورِ برڪت ۽ يادگار پنهنجا وار مبارڪ ورهايا.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم انهن تبرڪاتِ مصطفيٰ جو خوب قدر فرمايو، انهن کي سنڀالي ادب ۽ حفاظت (Safe & Secure) سان رکيو. انهن مان برڪت حاصل ڪندا رهيا، پوءِ انهن کان اهي وار مبارڪ بعد وارن ڏي منتقل (Transfer) ٿيا ۽ پوءِ اهي ئي وار مبارڪ هڪ نسل کان ٻئي نسل جي طرف منتقل ٿيندا رهيا ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ بہ ڪيترن ئي عاشقانِ رسول وٽ محفوظ آهن.

سُوکھے دھانوں پہ ہمارے بھی کرم ہو جائے
چھائے رحمت کی گھٹا بن کے تمہارے گیسو
ہم سیہ کاروں پہ یا ربّ! تپشِ محشر میں
سایہ اَفگن ہوں ترے پیارے کے پیارے گیسو(2)

---

[1] ... شرح الزرقانی ،المقصد التاسع،النوع السادس فی ذکر حجہ ...الخ،جلد:11، صفحہ:437۔

[2] ... حدائق بخشش،صفحہ:119- 120 ملتقطاً۔

**وضاحت:** يارسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اسان جي خشڪ فصل تي ڪرم فرمايو! اوهان جا مبارڪ وار رحمت جي چانوَ ٻڻجي ڇائنجي وڃن ته اسان جي اعمال، اخلاق، ڪردار وغيره جو سڪل فصل سائو ٿي وڃي. ياالله پاڪ! قيامت جي ڏينهن جڏهن سج سوا ميل تائين رهي ڪري باهه وَسائي، ٽامي جي تپيل زمين هجي، ان وقت پياري محبوب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پيارن وارن جو اسان کي سايو عطا فرماءِ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پيارا آقا ﷺ غيب جو علم ڄاڻين ٿا

سُنن الڪبريٰ ۾ حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہ عَنْہما کان روايت آهي، فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ منيٰ شريف ۾ هئا، جڏهن هي سورت نازل ٿي:

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَ الْفَتْحُۙ(۱) وَ رَاَیْتَ النَّاسَ یَدْخُلُوْنَ فِیْ دِیْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًاۙ(۲) فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَ اسْتَغْفِرْهُؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا۠(۳)

(پاره: 30، النصر: 1-3)

ترجمو ڪنزالعرفان: جڏهن الله جي مدد ۽ فتح ايندي ۽ تون ماڻهن کي ڏسندين ته الله جي دين ۾ فوج در فوج داخل ٿي رهيا آهن. پوءِ ربّ جي تعريف ڪندي ان جي پاڪائي بيان ڪر ۽ ان کان بخشش گهر، بيشڪ اهو توبه قبول ڪرڻ وارو آهي.

هي سورت نازل ٿيڻ سان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڄاڻي ورتو ته دنيا کان رخصت ٿيڻ جو وقت قريب اچي ويو آهي، جيئن ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ڏاچي قصويٰ کي آڻڻ جو حڪم ڏنو، ڏاچي حاضر ڪئي

وئي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان تي سوار ٿيا ۽ ماڻھن کي خطبو ارشاد فرمايو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان معلوم ٿيو تہ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي غيب جو علم ڏنو ويو هيو. ڏسو! سندن وفات شريف ربيع الاوّل ۾ ٿي ۽ حَجَّةُ الوداع ذُوالحج ۾ ٿيو، يعني پنهنجي وفات شريف کان تقريباً 3 مهينا پهريان ئي کين معلوم ٿي ويو هيو تہ ربّ ڪريم جي بارگاھ ۾ حاضري جو وقت ويجهو اچي چڪو آهي. اها تہ هن حديث شريف جي ڳالھ آهي، نہ تہ قرآني آيتن ۽ بين ڪيئي حديثن ۾ واضح بيان آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مَاكَانَ وَمَايَكُوْنُ (اوّل ڏينهن کان قيامت تائين جيڪو ڪجھ ٿي چڪو آهي ۽ جيڪو ڪجھ ٿيندو سيني) جو علم ڏنو ويو آهي.

جيئن تہ سيپاري 27 سورت رحمٰن، آيت 3 ۽ 4 ۾ ارشاد ٿي ٿو:

| | |
|---|---|
| خَلَقَ الْاِنْسَانَۙ(۳) عَلَّمَهُ الْبَيَانَ(۴)<br>(پاره: 27، الرحمن:3-4) | ترجمو ڪنزالعرفان: انسان(جي جان محمد)کي پيدا ڪيو. (مَاكَانَ وَمَا يَكُوْن جو) بيان ان کي سيکاريو. |

تقريباً 924 سال پهريان هڪ مشهور مفسر ۽ محدث بزرگ گذريو آهي يعني علامہ حسين بن مسعود بغوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (سالِ وفات: 516 هجري) هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: هتي اَلْاِنْسَانَ مان انسانيت جي جان يعني محبوب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مراد آهن ۽ اَلْبَيَانَ مان مَا كَانَ وَمَا يَكُوْن جو بيان مراد آهي

[1] ... سنن الكبرىٰ للبيهقى، كتاب الحج، جماع ابواب دخول مكہ، جلد:5، صفحہ:348، حديث:9682 بتغير قليل۔

چوتہ نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ اڳين پوئين ۽ قيامت جي ڏينهن جون خبرون ڏيندا آهن.[1]

بھلا عالَم سی شے مخفی رہے اس چشمِ حق بیں سے
کہ جس نے خالقِ عالم کو بے شک بالیقیں دیکھا[2]

وضاحت: يعني غيب ڄاڻڻ واري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن سڄي جهانن جي خالق ۽ مالڪ يعني الله پاڪ کي اکين سان ڏٺو هجي، ڀلا اُن جي مبارڪ نگاهن کان هيءَ ننڍڙي دنيا لڪي سگهي ٿي؟ هرگز نٿي لڪي رهي سگهي؟

## حَجَّةُ الوداع جي خطبي مان هڪ نصيحت

پيارا اسلامي ڀائرو! حَجَّةُ الوداع جي موقعي تي الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ 3 الوداعي خطبا ارشاد فرمايا. هڪ ميدانِ عرفات ۾ ڏنو (2) منيٰ شريف ۾ ڏنو. انهن خطبن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ اسلامي تعليمات جو خلاصو بيان فرمايو ۽ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي واسطي سان سڄي امت کي نصيحتون ارشاد فرمايون. نهايت ايمان افروز خطبات آهن. اچو! انهن خطبن مان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي صرف هڪ نصيحت ٻڌون ٿا:

## مسلمانن جي عزت ڪيو...!

حَجَّةُ الْوداع جو موقعو هو، الله پاڪ جي آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن منٰي شريف ۾ خطبو ارشاد فرمايو، ان خطبي ۾ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن صحابہ ۽

---

[1] ... تفسيرِ بغوی،پاره:28، الرحمٰن،زيرِ آيت:3-4، جلد:4، صفحه:283۔

[2] ...ديوان سالک،صفحه:15 ۔

ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُم کي مخاطب ڪندي فرمايو: اَیُّ شَھۡرٍ ھٰذَا؟ هي ڪهڙو مهينو آهي؟ (بلڪل واضح ڳالھ هئي، حج جو موقعو آهي ۽ حج ذوالحجة الحرام ۾ ئي ادا ڪيو ويندو آهي پر صحابہِ ڪرام عَلَیۡھِم الرِّضۡوَان جو ادب ڏسو!) صحابہِ ڪرام عَلَیۡھِم الرِّضۡوَان کي گمان ٿيو تہ شايد حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هن مهيني جو نالو تبديل فرمائڻ وارا آهن، لهٰذا عرض ڪيائون: اللّٰہُ وَرَسُوۡلُہٗ اَعۡلَمۡ الله ۽ ان جا رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻين ٿا. پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلَیۡسَ ذُوالۡحِجَّةِ؟ ڇا هي ذوالحج جو مهينو ناهي؟ صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُم عرض ڪيو: ڇو نہ (يعني جي ها! ذوالحج جو ئي مهينو آهي) مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ٻيو سوال ڪيو: اَیُّ بَلَدٍ ھٰذَا؟ هي ڪهڙو شهر آهي؟ (هيءَ بہ بلڪل واضح ڳالھ هئي، حج مڪي ۾ ئي ادا ڪيو ويندو آهي پر صحابہِ ڪرام عَلَیۡھِم الرِّضۡوَان هن ڀيري بہ ادب ڪندي) عرض ڪيو: اللّٰہُ وَرَسُوۡلُہٗ اَعۡلَمُ الله ۽ ان جا رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻن ٿا. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلَیۡسَ الۡبَلَدَةَ؟ ڇا هي بَلَدَه (يعني مڪہِ مڪرّمہ) ناهي؟ سيني عرض ڪيو: ڇو نہ (بلڪل هي مڪہِ مڪرمہ ئي آهي). پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ٽيون سوال ڪيو: اَیُّ یَوۡمٍ ھٰذَا؟ هي ڪهڙو ڏينهن آهي؟ صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُم جن هن ڀيري بہ ادب طور عرض ڪيو: اللّٰہُ وَرَسُوۡلُہٗ اَعۡلَمُ الله ۽ ان جا رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻين ٿا. رسول خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلَیۡسَ یَوۡمَ النَّحۡرِ؟ ڇا هي يومُ النَحر ناهي؟ سيني عرض ڪيو: ڇو نہ، (هي يومُ النَحر يعني قرباني جو ئي ڏينهن آهي).

هاڻي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ جيئن هن ڏينهن جي، هن شهر ۽ هن مهيني ۾ حرمت آهي، توهان جي رت، توهان جا مالَ

۽ توهان جون عزّتون ايئن ئي هڪٻئي تي حرام آهن[1]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! پياري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي هن مبارڪ خطبي مان اندازو لڳايو ته هڪ مسلمان جي جان، ان جي مال ۽ عزت ۽ آبرو جي ڪيتري اهميت آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: رسول رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن مقام تي مسلمانن جي جان ۽ مال، عزت ۽ آبرو کي مڪي شريف جهڙي حرمت فرمايو آهي، مطلب هي آهي ته جهڙي طرح مڪي شريف ۾، حج جي تاريخن ۾، احرام جي حالت ۾ هڪ گناه ڪيئي جرمن جو مجموعو آهي جو هن ۾ الله پاڪ جي نافرماني آهي، مڪي شريف جي، حج جي ڏينهن جي، احرام جي ۽ حرمت واري مهيني جي بي ادبي به آهي، انهيءَ طرح هڪ مسلمان جي عزت پامال ڪرڻ، ڪنهن کي ناحق تڪليف پهچائڻ، ڪنهن جو مال ناحق دٻائڻ ڪيئي جرمن جو مجوعو آهي، ان ۾ هڪ ته مسلمان جي حق تلفي آهي، ان جي دل آزاري به آهي، پوءِ ان ۾ الله پاڪ جي نافرماني به آهي ۽ ان سان گڏوگڏ پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دل آزاري به آهي جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي اُمّت تمام گهڻي پياري آهي، لهٰذا، جيڪو سندن ڪنهن امتي کي تڪليف پهچائي، ڀلا اهو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پيارو ڪيئن ٿو ٿي سگهي.[2] پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ته ارشاد فرمايو آهي: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذٰنِىْ يعني جنهن مسلمان کي تڪليف پهچائي، ان مون کي تڪليف پهچائي.[3]

خدايا! کسی کا نہ دل میں دکھاؤں | اَماں تیرے اَبدی عذابوں سے پاؤں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... بخاری، کتاب المغازی، باب حجۃ الوداع، صفحہ:1092، حدیث:4406ملتقطًا

[2] ... مرآۃُ المناجیح ،جلد:4 ،صفحہ:180 بتغیر قلیل۔

[3] ... معجمِ اوسط،جلد:2 ،صفحہ:386 ،حدیث:3607۔

اللّٰہ پاڪ اسان کي ٻين کي تڪليف پڄائڻ، ٻين جي حق تلفي ڪرڻ، ٻين جي عزت پامال ڪرڻ کان بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اي عاشقانِ رسول! اسلام ۾ مسلمانن جي ڪيتري نہ عزت آهي، مسلمان ڀائرن جو ڪيترو احترام آهي، هي سڀ ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ شيخ طريقت امير اهل سنت، مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو ”احترام مسلم“ ۽ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”تڪليف نہ ڏيو“ پڙهي وٺندا. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو علم دين سکڻ جي لاءِ ملندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مهيني جي 14 تاريخ تي شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي والدِ محترم جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. اچو! دور حاضر جي عظيم روحاني شخصيت جي والد جو ذڪرِ خير ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

## امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا والد محترم

اميراهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا والدِ ماجد حاجي عبدالرَّحمن قادِري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪ سيرت، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ شريعت وسُنَّت جا پيڪر هئا، اڪثر نگاهون هيٺ رکي ڪري هلڻ جا عادي هئا، سندن دل ۾ دنياوي مال ودولت گڏ ڪرڻ جي لالچ بلڪل نہ هئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجدن سان مَحَبَّت ۽ انهن جي خوب خدمت ڪندا هئا. سندن کي ڪيئي حديثون زباني ياد هيون.

## قصيدھ غوثيہ جي برڪت

حاجي عبدُالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ عرصي تائين ڪولمبو ۾ تشريف فرما رهيا، اتان جي عاليشان حَنَفي ميمن مسجد جا انتظام سنڀاليندا هئا 1979 ء ۾ جڏهن

شَيخِ طريقت، اميرِاَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه **ڪولمبو** تشريف کڻي ويا تہ اتان جي ماڻهن کي والدِ صاحب سان گهڻو متاثر ڏٺائون. ڪولمبو ۾ قيام دوران اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ماسڙ گفتگو دوران سندن کي ٻڌايو تہ مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ جڏهن ڪٿ تي ويهي اوهان جا والد صاحب قصيدهٔ غوثيہ پڙهندا هئا تہ انهن جي ڪٿ زمين کان بلند ٿي ويندي هئي.[1]

## حج جي سفر ۾ وصال

اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ننڍپڻ جي عمر ۾ ئي هئا تہ سندن والدِ محترم 1370 هجري ۾ سفرِ حج تي روانا ٿيا. حج جا ڏينهن هئا منٰي ۾ سخت لُو (يعني گرم هوا جا جهولا) لڳڻ جي ڪري ڪيئي حاجي سڳورا فوت ٿي ويا هئا، ابو عطار حاجي عبدالرحمن بہ مختصر علالت (بيماري) کان پوءِ 14 ذوالحِج 1370ھ تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حاجي عبدالرحمن رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيتري قدر خوش نصيب هئا جو انهن کي حج جي سفر ۾ موت نصيب ٿيو. **حديثِ پاڪ** ۾ آهي: جيڪو حج جي لاءِ نڪتو ۽ فوت ٿي ويو تہ قيامت تائين ان جي لاءِ حج جو ثواب لکيو ويندو[2] هڪ حديث شريف ۾ آهي: جيڪو هن راهہ ۾ (يعني حج يا عمري جي لاءِ) نڪتو ۽ فوت ٿي ويو ان جي پيشي نہ ٿيندي ۽ نہ ئي حساب ورتو ويندو، ان کي چيو ويندو: تُون جنت ۾ داخل ٿي وڃ[3]

طيبہ ميں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھيں بند | سيدھی سڑک يہ شہر شفاعت نگر کی ہے[(4)]

---

[1] ... تعارف اميرِ اہل سنت،صفحہ:11۔

[2] ... معجم اوسط،جلد:4،صفحہ:93 ،حديث:

[3] ... مسند ابی يعلی ،مسند عائشہ،جلد:4 ،صفحہ:41،حديث:4607 ۔

[4] ... حدائقِ بخشش،صفحہ:222۔

## ايمان افروز خواب

اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي وڏي پيٽ جو بيان آهي: بابا سائين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي وِصال کان بعد مون هڪ پيري هي ايمان افروز خواب ڏٺو تہ بابا سائين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ وڏي نوراني چهري واري بزرگ سان گڏ آيا، منهنجو هٿ پڪڙي چوڻ لڳا: ڌيءَ! تون هن کي سڃاڻين ٿي؟ هي اسان جا مدني آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون تي وڏي شفقت ڪندي فرمايو تہ تون وڏي نصيب واري آهين.[1]

سنا ہے آپ ہر عاشق کے گھر تشریف لاتے ہیں
میرے گھر میں بھی ہو جائے چراغاں یا رسول اللہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ بااخلاق ۽ باڪردار ۽ سنو مسلمان بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡکَرِيۡم! زندگي ۾ بهار ايندي، ڪردار نکري ڪري صاف سٿرو ٿي ويندو ۽ دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌؤن ٿا:

## شرابي سُڌري ويو

هند جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول

[1] ... تعارف اميرِ اہل سنت،صفحہ:12۔

سان وابستگي کان پهريان شراب نوشي، عَياشي ۽ هُل هنگامو ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، والدين ۽ پاڙيسرين کي تنگ ڪرڻ، جُوا کيڏڻ منهنجو ڏينهن رات جو ڪم هو. هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي هڪ ذِمّيدار اسلامي ڀاءُ اِنفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدني قافلي ۾ سَفَر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري. ان جي ترغيب تي مان 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ويس. مدني قافلي جي برڪت سان مان گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري نمازن جي پابندي ڪرڻ وارو، فجر جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ وارو ۽ ٻين کي مدني قافلن جو مسافِر بنائڻ وارو بڻجي ويس.[1]

| سيکھنے سنتیں قافلے میں چلو | لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو |
| --- | --- |
| داغ سارے دُھلیں ، قافلے میں چلو[(2)] | دل پہ گر زنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو |

## قرآن مع تفسير ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ عِلمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ پاران هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جارِي ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Quran with Tafseer (قرآن مع تفسير). هي ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن ايپلي ڪيشن ۾ ❁ مڪمل قرآن ڪريم ❁ اعليٰ حضرت، آقاءِ نعمت، اِمامِ اهلسنت، شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو لکيل اردو ترجموڪنزالايمان ❁ جديد دور مطابق نهايت آسان اردو ترجمو، ترجموڪنز العرفان ۽ ❁ آسان انداز ۾ لکيل، اُردُو جي سڀ کان جديد تفسير تفسير صراط الجنان شامل آهي. اوهان ڪٿي بہ هجو، هن ايپلي ڪيشن

---

[1] ... برڪاتِ مڪہ ومدينہ، صفحہ:18۔

[2] ...وسائلِ بخشش،صفحہ:669 - 672ملتقطًا۔

جي مدد سان قرآنِ ڪريم ترجمو ۽ تفسير سان پڙهي آساني سان سمجهي سگهو ٿا، گڏوگڏ قرآني آيتن ڪي، ترجمي ۽ تفسير ڪي وٽس ايپ (Whats App)، فيس بُڪ (Facebook) وغيره تي پنهنجي دوستن سان شيئر به ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، عِلمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينه تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي

2 فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): منهنجي اُمَّت جي اَفْضَل عبادت تلاوتِ قرآن آهي.[2] (2): جيڪو رات جو 200 آيتون تِلاوت ڪري، ان جو نالو عبادت گذارن ۾ لکيو ويندو ۽ جيڪو 400 آيتن جي تِلاوت ڪري، ان جي لاءِ هڪ قِنطَار اَجر لکيو ويندو، هڪ قِنطَار 120 قيراط جي برابر آهي ۽ هڪ قيراط اُحُد جبل جيترو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا ❁ حضرت

[1] ... مشکوٰة،کتابُ:الْایمان،باب:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175.
[2] ... شُعَبُ الْاِيْمان، باب فی تعظيمِ القرآن،فصل فی ادمان تلاوة القرآن، جلد:2، صفحه:354، حديث:2022
[3] ... شُعَبُ الْاِيْمان، جلد:2، صفحه:401، حديث:2197ملتقطاً.

عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہ عَنْہا فرمائن ٿيون: ڪا شيء پاڻ صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي تِلاوت کان نہ روڪيندي هئي ❁ پاڻ سڳورا صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ رات جي نماز ۾ ڪڏهن پُوري سورت بقرہ ۽ سُورَت آلِ عمران جي تلاوت ڪندا هئا ❁ روزانو رات جو سُورت سجدہ، سُورت ملڪ، سورت بني اسرائيل، سورت زمر، سُورَت ڪافرون، سُورت فلق ۽ سُورت ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا.

اللہ پاڪ اسان کي بہ خوب تِلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ العَالِيَہ جو 100 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو[1]

اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:671 ملتقطًا۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڑهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڑهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455